سنڌ زرعي يونيورسٽِي ٽنڊوڄام

# SINDH AGRICULTURE UNIVERSITY TANDOJAM

PUBLIC RELATIONS SECTION

## SINDHI, UDRU AND ENGLISH NEWS

ٽنڊوڄام (پريس رليز) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ آسٽريليا جي زرعي تحقيقاتي مرڪز جي سهڪار سان ننڍن جانورن جي پيداوار جي واڌاري ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ کير ۽ گوشت جي بهتر مارڪيٽنگ بابت سيمينار منعقد ڪيو ويو, اسٽريليا ۽ پاڪستان جي ماهرن جي شرڪت. تفصيل موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ آسٽريليا حڪومت جي عالمي زرعي تحقيقاتي مرڪز پاران پاڪستان ۾ زراعت ۽ چوپائي مال جي واڌاري واري منصوبي تحت ننڍن جانورن خاص طور رڍن ۽ ٻڪرين جي پيداوار وڌائڻ انهن جي افزائش سان گڏو گڏ ان مان حاصل ٿيندڙ گوشت ۽ کير جي بهتر مارڪيٽنگ بابت سيمينار منعقد ڪيو ويو, سيمينار کي خطاب ڪندي زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر ظهير الدين ميراڻي چيو ته پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي، ملڪ جي معيشت جو دارومدار زراعت تي هجڻ باوجود چوپائي مال, رڍن, ٻڪرين, ڪڪڙين ۽ مڇي جي پيداوار جي اهميت کي نظرنداز نه ٿو ڪري سگهجي, هن چيو ته آسٽريليا حڪومت سان ڪيل ٻه طرفي معاهدن ذريعي هتان جي آبادگارن ۽ مالوند ڌڻين کي فائدو رسي رهيو آهي, اهڙن منصوبن کي ڪامياب بڻائڻ سان نه فقط صوبي پر ملڪي معيشت کي هٿي ملندي، گڏو گڏ آبادگارن جي رهنمائي پڻ ٿيندي رهندي, ان موقعي تي آسٽريليا جي پاڪستان ۾ مقرر ڪيل ڪنٽري ڊائريڪٽر ڊاڪٽر منور ڪاظمي سيمينار کي خطاب ڪندي چيو ته آسٽريليا جي سهڪار سان پاڪستان جي زراعت جي واڌاري لاء 17 منصوبا هلي رهيا آهن جن ۾ دالين, ڪڻڪ, انب, مرچ ۽ ڪيلي جي پيداوار وڌائڻ وارا منصوبا سنڌ ۾، جڏهن ته نارنگي جي پيداوار وڌائڻ ۽ ان جي مارڪيٽنگ لاء پنجاب ۾ منصوبن تي ڪم هلي رهيو آهي, ان موقعي تي وڊيو ڪانفرنس ذريعي آسٽريليا مان وڊيو ڪانفرنس ذريعي آسٽريلين ماهر ڊاڪٽر انگس ڪيمپبيل ننڍن جانورن جي منصوبي بابت آگاهي ڏني، ٻئي طرف ڊاڪٽر روبيدي ڊائول به وڊيو ڪانفرنس ذريعي منصوبي ذريعي ٿيندڙ تحقيق جي مد ۾ حاصل ٿيندڙ پيداوار بابت تفصيل ڏنا, ان موقعي تي ڊاڪٽر عبدالله آريجو, ڊاڪٽر عبدالله سيٺار, محمد اسماعيل ڪنڀر, ڊاڪٽر تهمينه مصطفيٰ مگڻ, حميره اقبال ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

ٹنڈوجام(پریس رلیز)آسٹریلیا کے زرعی تحقیقاتی مرکز کے تعاون سے زرعی یونیورسٹی ٹنڈوجام کے زیر میزبانی آسٹریلیا اور پاکستان کے ماہرین نے چھوٹے مویشیوں کی پیداوار، افزائش اور دودھ اور گوشت کی پیداوار اور بہتر مارکیٹنگ کے حوالے سے ایک سیمینار منعقد کیا گیا۔ تفصیلات کے مطابق سندھ زرعی یونیورسٹی میں آسٹریلیائی حکومت کے عالمی زرعی تحقیقاتی مرکز کی جانب سے پاکستان میں زرعی اور ماھیگیری اور مویشیوں کی افزائش، چھوٹے جانوروں ، خاص طور پر بھیڑ اور بکریوں کی افزائش کے ساتھ ساتھ گوشت اور دودھ کی پیداوار کو فروغ دینے اور بہتر مارکیٹنگ سے متعلق سیمینارمنعقد کیا گیا، سیمینار سے خطاب کرتے ہوئے زرعی یونیورسٹی کے وائس چانسلر ڈاکٹر ظہیر الدین میرانی نے کہا کہ پاکستان ایک زرعی ملک ہے اور ملک کی معیشیت کا انحصار زراعت پر ہے، اور لائیو اسٹاک کا بھی اس میں بڑا کردار ہے۔ اس لئے بھیڑ ، بکریوں ، مرغبانی اور مچھلی کی پیداوار کی اہمیت کو نظرانداز نہیں کیا جاسکتا۔ انہوں نے کہا کہ آسٹریلیائی حکومت کے ساتھ ہونے والے تمام دو طرفہ معاھدوں سے ملک کے کسانوں کو فائدہ ہو رہا ہے ، اس

طرح کے منصوبوں کے کامیابی سے عمل سے نہ صرف صوبے بلکہ گھریلو معیشت کو بھی مدد ملے گی اور ساتھ ہی کاشتکاروں کو رہنمائی بھی ہوگی۔ سیمینار سے خطاب کرتے ہوئے پاکستان میں آسٹریلیا کے ادارے کے مقرر کنٹری ڈائریکٹر ڈاکٹر منور کاظمی نے کہا کہ دال ، گندم ، آم ، مرچ اور کیلے کی پیداوار میں اضافہ کے لئے آسٹریلیا کے تعاون سے سندھ میں 17 منصوبوں پر تحقیقی کام جاری ہے۔ جبکہ سنترے کی پیداوار میں اضافے اور مارکیٹنگ کے لئے پنجاب میں منصوبوں پر کام جاری ہے ، آسٹریلیائی ماہر ڈاکٹر انگس کیمپبل نے آسٹریلیا سے ویڈیو کانفرنس کے ذریعے لائیو اسٹاک پروجیکٹ کے بارے میں آگاہ کیا۔ ڈاکٹر روبیڈی ڈوئیل نے ویڈیو کانفرنس کے ذریعے تحقیق کے پروجیکٹ کے ذریعے حاصل کردہ فوائد کے بارے میں بھی تفصیلات بتائیں ، اس موقع پر ڈاکٹرعبداللہ آریجو ، ڈاکٹر عبداللہ سیٹھار ، محمد اسماعیل کمبھر ، ڈاکٹر تہمینہ مصطفی ناگراج ، حمیرا اقبال اور دیگر نے بھی خطاب کیا۔

Tandojam(Press Release) In collaboration with the Agriculture Research Center of Australia, a seminar was organized by Sindh Agriculture university, on the Growth of indigenous breeding and production of milk and meat of Goat and Sheep in Sindh province, The Australian Government's International Agricultural Research Center in Pakistan, has been working to promote agriculture, livestock, poultry and fisheries, small animals, especially sheep and goats, as well as the marketing of meat and milk production.

Addressing the seminar, Dr. Zaheeruddin Mirani, Vice Chancellor, Sindh Agriculture University, said that Pakistan is an agricultural country and the economy is dependent on agriculture, and livestock also plays a major role in GDP. He said the importance of sheep, goat, poultry and fish production cannot be underestimated. He said all bilateral agreements with the Australian government were benefiting the country's farmers; he said that the successful implementation of such projects would help not only the province but also the domestic economy; he said this project will also useful for the farmers of the province.

Addressing the seminar, Dr. Munawar Kazmi, Country Director, Australian Institute in Pakistan, he said that research work was underway on 17 projects in Sindh in collaboration with Australia to increase production of pulses, wheat, mango, chilli and banana. While work is underway on projects in Punjab to increase production and marketing of oranges, Australian expert Dr Angus Campbell briefed on the livestock project via video conference from Australia. Dr. Ruby Doyle also elaborated on the benefits of the research project through video conferencing. Dr. Abdullah Arijo, Dr. Abdullah Sethar, Muhammad Ismail Kumbhar, Dr. Tehmina Mustafa Nagraj, Humaira Iqbal and others also spoke on the occasion.

PUBLIC RELATIONS OFFICER